# ١. ڀارت ديش مهان



## پڙهو. ڳايو.

اَسانجو ڀارت ديش مهان،
ساري دنيا ۾ سڀ کان وڏ،
جنهنجو اُچو شانُ،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

ذاتِ پاتِ جو هِتِ آ ميلو،
رنگ ڀيد جو ڪو نہ مسئلو،
هر پراڻيءَ ۾ ڏسون سدائين،
تا هڪڙو ڀڳوان،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

پنهنجو پنهنجو فرض نِڀايون،
ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڪين ڦِٽايون،
اَعليٰ آدرش جي خاطِر
جان ڪريون قربان،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

آزادي اَڌڪار مڃوُن تا،
اَهنسا سان سڀ پيار ڪيون تا،
نفرت کان تا ڪريوُن ڪنارو،
منو لڳي تو هر مهمان،
اَسانجو ڀارت ديش مهان.

**نوان لفظ:**

مهان - وڏو    قربان - صدقي    نِڀايون - پاليون    اَعليٰ - وڏو

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو:-**

١) اَسين هر پراڻيءَ ۾ ڇا ڇا ڏسون؟
٢) شاعر اَعليٰ آدرشن بابت ڇا چيو آهي؟
٣) اَسان کي ڪهڙي ڳالهه کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي؟

**سوال ٢ : ڪوتا ۾ ڀارت ديش جي ڪهڙين خوبين جو ورڻن ڪيل آهي؟**

**سوال ٣ : جوڙا ملايو:-**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) ذات پات جو | ١) ڪين ڦٽايون |
| ٢) پنهنجو پنهنجو | ٢) ڪريون ڪنارو |
| ٣) نفرت کان ٿا | ٣) فرض نڀايون |
| ٤) ڪڏهن بہ ڪنهن سان | ٤) هٿ آ ميلو |

**سوال ٤ : هيٺين لفظن جا هم آوازي لفظ لکو:-**

مهان ............... مسئلو ................. فرض .................... رنگ ......................

**هدايت :-** اُستاد، شاگردن کي ديش جي آدرشن ۽ مهانتا بابت ڄاڻ ڏيندو.
**مشغولي :-** ماستر صاحب شاگردن کي ديش ڀڳتيءَ جا گيت گڏ ڪري لِکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

١. ڀارت جو قومي گُل، قومي جانور، قومي پکي، قومي ميوو لِکو.
٢. ڀارت مهان ديش آهي. اهو ڪيترين علحدين خوبين سان سينگاريل آهي. اهي خوبيوُن سوچي، هيٺين گولن ۾ لِکو.

